# سٽاءُ


منهنجي قلم مان
عرض حال 17
مقدمو 20
**رسالو سچل سرمست** (سنڌي ڪلام) 49
وحدت نامو 51

**وحدت** **59**
داستان پهريون
بيت 59
ڪافيون 63
داستان ٻيو
بيت 76
ڪافيون 78

**حقيقت** **87**
داستان پهريون
بيت 87
ڪافيون 90
داستان ٻيو
بيت 100
ڪافيون 102

**سسئي** **113**
داستان پهريون
بيت 113
ڪافيون 116
داستان ٻيو
بيت 125
ڪافيون 127
داستان ٽيون
بيت 135
ڪافيون 137
داستان چوٿون
بيت 144
ڪافيون 146


Gul Hayat Institute

## ڪافي ١۴

پاڻَ پُنهون آءٌ آهِيان،
اڙي ڀينَر ٻِلِي ناهِيان.

ٽيو ٽيون مُنڪِر ڳالِهہ اِنهيءَ ڪؤن، ڇَو تڏهِن ٻيو ڇا هِيان؟
ڪيچ پنيور ٻي وسنوَ اسان جي، ڪهڙي طَرف آءٌ ڪاهيان؟
هَر ڪو ڇَوي تا سَهسِين عاشِقَ، نانءُ پاڻَ ئِي تؤن لاهِيان،
هِت هُت آهي صورتَ منهنجِي، ٻاهِہ نہ ڪو ٻيو ناهِيَن،
پُنهنجو پاڻَ ئِي سان يارَ "سَچو" ڙي نِينهُن اِهو ئي لايان.

## ڪافي ١۵

مَحبوبُ مِٺو آهي مَنَ ۾،
معشوق مِٺو آهي مَنَ ۾!

بيفائِدو بازار گهُمين ڇو، اُتئي بُلبُل باغَ بَدَن ۾؛
ٻِيائِيءَ سان تو ٻاهر ڳولين، نہ ٿئي بـَرَ بَحرَ ۽ بَنَ ۾؛
ڇِهرا ڇوريءَ ڇليو ڏسين ڇو، اُتئي سو چاند چَمَنَ ۾؛
زلفَ زنجِيرَ ڪُئن زاهِدَ پَڳا، اهي ظاهِر پَرَستَ ظن ۾؛
عاشِق سَوين احوالَ ۾، آڪِن اَنَاحَق" اَنَ ۾؛
سَت زيورَ سِينگارَ ڪَري ٿِي، دوست اَيو درسَنَ ۾؛
"ڪُل يَومٍ، هُوَ فِي شَانٍ"، اَيو ورنهہ هر ڪَنهِن ون ۾؛
دلبَرَ ديرو دائم دل تي، ڇو ديکين درپَن ۾؛
ڪري تو آهُون ڪِينُ سُٺي تو، اتئي قدسِي ڪلام ڪنَ ۾؛
مُرشد ڪامِل سانولُ سُپرين، اَيو صاف صَحَن ۾؛
فيض "فاروقِي" فاتَقَ بَخشيو، فهماي هِنَ فَنَ ۾.

٧
بادلَ وارا بارَ، چشمَن تي چڙهيا؛
رئن زارو زار، اُتن اُٺر اوهيرن جا.

٨
آئي نِي مُند مِينهَن، اَهي اکڙين کي؛
رئن راتو ڏينهن، اُتن اُٺر اوهيرن جا.

٩
آهِ اِها ئِي تاتِ، اَگم اکڙين کي؛
ڏينهنَ آئن رات، اُتن اُٺر اوهيرن جا.

١٠
اَگم اکڙين کي، سدائين آهِين؛
سي ڪِيئن اوڳائِين، جن کي اُٺر اوهيرن جا.

١١
اکِين کي اَگمَ، هِن سَدائين سَرتيون؛
گوندر گڏيون غَمَ، اُٺن اُٺر اوهيرن جا.

١٢
لايون پِرت پَسن، آئون اَگم اکِن ميڙيا؛
سي تان ڪِيئن نَ وسَن، جن کي اُٺر اوهيرن جا.

١٣
ڏسن ۽ رئَن، اِها عادت اکين کي؛
سي سرهِون شالَ هُئن، جن کي اُٺر اوهِيرن جا.

١٤
آهي ريجهه رئڻ، آيَل اکڙين کي؛
هُئي تَن هُئڻ، جن کي اُٺر اوهِيرن جا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ١

آءُ تہ ’مان‘ ’تون‘ وَڃي، يار،
بِي ڳالھ ڪَرِ مَ ڪائِي.

ڳجهِي ڳالھ هاديءَ واري دل تي دائِم،
فراموش ٿِي ٻي وروبهن وائِي.
بَحَر تي جا لهَر لڳي ٿي،
آسان پاڻ بازي اصل ڪئِن بَنائِي.
آهي هُوءِ حيرَت هَو جِي جِسم تي،
حَرفُ حَقَ جو اُهي صورتَ سَيائي.
لُٽو جهڙُ جو هو نَظرَ ۾، ظاهِر ٿيو سِڄُ،
تِي آڄُ سرا سَر سَهائِي.
آهي ”سَچو“ سَچُ تحقيقَ ڄاڻين،
جنَهِن مَست ماريو دمُ خدائِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ٩

مُون کي عِبرتَ آهي، اَهڙي حالَ جي،
هاريون حيرتَ آهي اِنهيءَ ڳالِهہ جِي:

ڪاٿَئِن ڏاڍو، ڪاٿَئِن هِيٺو، ڪاٿَئِن جوڙ جڻيا تو پائي:
ڪاٿَئِن ڪوري، ڪاٿَئِن موچِي، ڪاٿَئِن سيد سڏائي:
ڪاٿَئِن تارڪُ، ڪاٿَئِن سارقُ، ڪاٿَئِن مڪ مِلائي:
ڪاٿَئِن شاهِي، ڪاٿَئِن سپاهِي، ڪاٿَئِن حُڪم هَلائي:
ڪاٿَئِن ڪافِر، ڪاٿَئِن مومِن، ڪاٿَئِن سوريءَ سِرُ هَلائي:
ڪاٿَئِن گسائين، ڪاٿَئِن سَنياسِي، ڪاٿَئِن بُتَ بَنائي:
ڪاٿَئِن سامِي، ڪاٿَئِن اِنعامِي، ڪاٿَئِن تِلڪ لڳائي:
ڪاٿَئِن قادر، ڪاٿَئِن نادر، ڪاٿَئِن ”سَچو“ نانءُ سڏائي!

## ڪافي ١٠

پريَن سانَ پَتِ پَري، ڙي جيڏيون، منهنجي!

دعا ڪَريجو جيڏيون، وِري سو هوتُ وري:
ڏونگَر مُون ڏورائِيو، سَندي ذوق ذري:
سَهي سُڃاتم پاڻَ کَڻِ، پُنهون ناهي پَري:
تو ڪِئن سَري سپرين، توريءَ مون ناسَري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ١٣

پيو ڪير پڇي تو حال منهنجو، خان پاروچل پاجهون!

توريءَ آهيان يار سڄڻ، ميان، اداسي آهنجو.
جَنهين ڪَنهين سان پيچ پاتوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهن جو.
خيال اسان ڏي آهي جنهن جو، آءُ پِي سو آهيان تنهنجو.
آسان جاتو صحيح سڃاتو، عاشق آهين تون آسان جو.
دروُن پيهي پاڻ پُڇَندو، آهين "سچو" تون ڪِي سَهنجو.

## ڪافي ١۴

اکَڙيُن اِسرارُ،مون کي ڪو جو ڪيو، ميان!

آنهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار.
تِنهين ڏهاڙي ڪيو، بِرهہ بي اختيار.
ڏونگر تو ڏورائي، چشمن جو چمڪار.
ناز نيڻن جو سَرتيون، ووڙائي وٽڪار.
سوز سڄڻ جو سرَتيون، "سچوءَ" کي سينگار.

## ڪافي ١٥

يار پُنهلَ پيغامي، ڪڏهن مُڪو ڪو نہ مون ڏي!

Gul Hayat Institute

روز ازل ڪوُن يارَ اوهان کي، منهنجو ساهہ سلامِي.
اوهين نہ ايندؤ آسين ايندا سي، اِها آسان جي انجامي.
پرين ڏِسجو وڙَ پنهنَجي ڏي، آهن عيب اسان ۾.
جان جُتي، جانِ ڪِي، ٿيندي نہ طلب تمامي.
ڳالهيون اوهان جون ٻارنٓ ٻارن، وِيندِيون سي ڪين وسامي.
ڏيئِي اسان کي قٽ فراق جا، ٿئين تون يار آرامي.
درَ اوهان جي جِي يارَ "سچوءَ" تان، مَجِي آهي غلامي

١٧

چگّي پنهونءَ چِت، سدا آهي سَرتيون؛
هوت بنا مون هِت، ڪريان ڪوهُ پنيور ڪي؟

١٨

شالِ نہ وسرين تون، لوڪ سَپوئي وسري؛
مطلب اِهو مون، جو پاڻُون پَري نہ ڪرين.

١٩

ورَ مَ وساريج، هيءَ تان سنديَوَ آهرِ؛
وڃي ڪيچ وٽن ۾، هيءَ سَترَ ساريج؛
تيتَر مَ ماريج، جيتر توکي نہ مِڙان.

٢٠

ساري شَهر پنيور جي، چڏي لوڪ لذت؛
تو ريءَ ڏئي ڪو نہ ڪو، ماڻهو عام عِزت؛
ٿئي ساهہ صِحَت، جي بيهَر پاروچا اچين.

٢١

ڪيو ڪميٽيءَ ڪَچُ، جو سُتي سَويلي رهي؛
اُنهيءَ جي افسوس سين، ڪيو مَحبت مَچ؛
پنهون چامَ پَرچُ، ناميا نِماٽيءَ سان.

٢٢

ٿيون هِن هَتّاءِ، ڪيئي مُورائون مَنديُون؛
پنهون ڏسي پاڻ ڏي، اَسَڻُ منهنجي آءُ؛
سانول توريءَ ساءُ، اچي ماڻهن ڪِين پنيور جي.

٢٣

پُنهون پُنهون ٿي ڪريان،آءٌ پڻ پنهون پاڻ؛
اُديون ٿِيس اڇاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

Gul Hayat Institute

٢٢

هو جو ڪيچ وڻن مون، اچي واءُ وري:
سو مون کي محبوبن جي، ڏئي خبر ڪري:
وڃان تام مري، جان پاروچي منهن ڏسان.

٢٣

هو جو ڪيچ وڻن مون، وريو اچي واءُ:
ماريون تنهن مٿاءُ، هيءُ سرُ ڪريان صدقي.

٢٤

هو جو ڪيچ وڻ مون، واءُ تہ آڻي واسَ:
هيءُ سرُ سارو ساسُ، ڪوڙين قرباني ڪريان.

٢٥

هو جا ڪيچ وڻن مون، هاريون اچي هيرَ:
ٿئي صحت منجهہ سرير، ڏور وڃن مون ڏڪڙا.

٢٦

هو جا ڪيچ وڻن مون، هاريون هير اچي:
تنهن سان من مچي، محبت ۾ محبوب جي.

٢٧

هو جا ڪيچ وڻن مون، اچي هير هلي:
سا پينر آهي پلي، جنهن سان ساهُ سڌير ٿئي.

٢٨

هو جا ڪيچ وڻن مون، تي هير اچي هاٽي:
تنهن آرياٽي آٽي، جنڻ مون سان اچ ملائيو.

٢٩

هو جا ڪيچ وڻن مون، اچي هيرَ هلي:
تنهن ساري ڳالهہ سلي، پرين سندي پارَ جي.

٣٠

هو جا ڪيچ وڻن مون، لڳي تيز تنوارَ:
سندي پرين پارَ، تنهن ڏنا دلاسا دل کي.

Gul Hayat Institute

# داستانُ ڏھون

١

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، مان تي اگھڻ نھاريان؛
ساريو سپرين کي؛ ھنجون آءٌ ھاريان؛
گوندر گذاريان، ھَي ھَي سارا ڏينھڙا.

٢

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، پوءِ تي اگھڻ نِھاريام،
ڪين لھان ڪاٿئين، وڏيءَ ويل ويام؛
وجي ٿاڪ ٿيام، ڪاڪيو ڪيچ وٺن ۾.

٣

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، تنگ اُنن تاٿي؛
ھوتن ريءَ ھاٿي، اگھڻ نِھاري نہ سگھان.

٤

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، اجا مون وٺاءِ؛
پرين پچاٿاءِ، اگھڻ ڏسي نہ سگھان.

٥

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، جات اَولي جَتَ؛
ھَي ھَي ھٿان ھٿ، اگھڻ ڏسي نہ سگھان.

٦

ڪيچيڙا ڪالھہ ويا، تون تي اگھڻ نھاريين،
ٻڏي ٻاروچن لءِ، رت ھنجون ھاريين،
ساريون سنياريين، ٻاروچاڻي جاتِ کي.

٧

ويئي ڪيچيڙا ڪالھہ،تون اڄ تي پيرَ نِھارئين؛
ھو لنگھي لَڪَ سنوان ٿيا، تو ھتِ ھڙا حال؛
ڪنڊِئي سارَ سنيالَ، وڃي ڪيچ وٽن ۾.

Gul Hayat Institute

# داستان يارهون

١

اَڻ مُلهي آهيان، پانهي پاروچن جي:
سپ چِپَرُ ڇايان، آهَن ۽ دانهَن سين.

٢

هَي وجي هي قافلو، ڇپاتِي ڇايُون:
مُنهن ڏئي آيون، آهُون دانهون عِشقَ جون.

٣

رات لهي ويا ريجُ، نماڻيءَ کان نکري:
ڪاڪيون هاڻي ڪيئن ڪريان، جو ڪاڏي تيڙم ڪيچ:
پَرَ پيو پنهونءَ سان پيچُ، سو اتي رهڻ نہ ڏئي.

٤

سَهي جان نہ سُتينءَ، جو ڪُڙڪ ٻُڌي ڪَڙڪي وچين:
ڇِتيان ڇانگنِ جون ٻُڌي، تون ڪُوڙي ڪين اُٿين:
غافل هِڏ ڳُتينءَ، سبِ پَرِ "سچيڏنو" چَوي.

٥

پاندين ڪوُن پُڇي، ٿي پَهَرَ، پرينءَ جا پيچرا:
سَهلي "سچيڏنو" چوي، هيءَ لالَن لاءِ لُڇي:
ڪنهن سان ڪين ڪُڇي، اُتس ووءِ ووءِ وائي وات ۾.

٦

چاڙهيون لاهِيون ڇُنج جِيون، ڪوڙين آهِن ڪوهَ:
ڏئي مهتان محبت وارئين، چِپَرُ ڏاڍي چوهَ:
ناگهہ نِستِ نينهن ڪي، تا رئارن روهَ:
اَچي منجهہ آندوهَ، مَتان تون ماندي ٿِئين.

٧- چي ڙي، سڀ پَر سڄَ چُلي ٿِي چاڙِي،
پُرجهج پَبَ نہ اَٿيئي پاڙِي،
وسهج تو دل جَنهن سان واڙِي،
سَسئي سو تان ٿِيُئي نہ ساٿي،
ناحق تانگهہ تنهين ڏي تاڙِي،
چو ڪيءَ خواب ڪٽِيءِ تو ڪاٽي،
ڪيئن ٿِي اَبُ اکين ۾ آٽِي،
جِيلا ڪَرمَ هلڻَ جا هاٽي:
پُڄنديءَ بام پَسِي بَرُ باري.

٨- جيڏيون جبلَ چَوَ تيون جيئِي،
ساجهُر سَنگَ لتاڙيان سيئِي،
گهوريان گهوٽ بِنا گهرُ هيئِي،
سائِي وَسَ وَتانئم ويئِي،
رهندَمُ روحُ نہ هِت تَن ريئِي،
وينڙم دوست دلاسا ڏيئِي،
هِيءَ تان پَلوَ پُنهونءَ جي پيئِي،
هُن تان ڪامِڻَ ڪيڙس ڪيئِي:
نِياڻُونس وَرُ وني ويساري.

٩- چي ڙي، گهورين ڪاڻ، جنين جي ڳهَرڙا،
اَٿئي تَن اَڙانگا اَرڙا،
آڏو تاڪُ نہ ڏينديءَ ٿَرڙا،
ٿِينديءَ زور مَٿي تو ذرڙا،
بيدل بَس ڪَرائينديءَ بَرڙا،
اوجهڙ ڪوهہَ اَٿئي سي ڪَرڙا،
گهائي پيرَ ڪائيبڊي ڪرڙا:
سگهنديءَ نارِ نہ وَرُ نِهاري.

Gul Hayat Institute

# کافي ۱

سومرا سائين توکي، وو،

ڳالهيون چونديس اڄ حالَ جون، هوءِ هوءِ!

عمر اباڻي پارَ ڏي، ڪِرڙ ڪکوريا ڪي، وو.
کوڪَڙ چونديان کانڌَ سان، پٽ چڙهي پيکي، وو.
سِگَـرَ ڪِيـَن سقڙا، سَئِـين جا سيـکـي، وو.

# * کافي ۲

جاليم جن سان تي، وو، تا مارو ڪيڻ ويا؛

هـوءِ هوءِ حالـڙو ڪنهن سان ڳرهيان!

پَکا پٽي اُتهـون ويـا، پَرئين پنـڌِ ڪٽـي.
راتـو ڏِينـهـان روح کـي، اوڏنـهن گهـُرَ گهـٽِي.
گهڙي جا هت گهاريان، سا ويـڙهيچن نـ وٽِي.
جهليان شالَ وجي اُن پَنهنجن جي بـ پٽِي.
مـون مـن ماندو مارئين، چاڻي هڪ ٽڻِي.
پکا پانـورَ ڪنـدئين، هـو ويـنا حالَ هٽـي.
جـدائيءَ ڳون جهانگيڙن جي منهنجي باب بٽِي.
"سچو" سنگهـارن جـا هِـت ويٺِي ڳـڻ ڳٽِي.

---

* سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي طرفان ڇپيل ٽن ڇاپن ۾ ڪافي ۲ کان ڪافي ٦ تائين بيتن جي نمونن تي (۲) (۳) (۴) (۵) (٦) ڏنل آهن. جڏهن تہ ترتيب موجب ڪافين ” کي نمبر ڪافي ۲ ڪافي ۳ ڪافي ۴ ڪافي ۵ ڪافي ٦ هئڻ ڪپن. هن ڇاپي ۾ اِها درستگي ڪئي وئي آهي.

Gul Hayat Institute

# مومل راڻو

## داستان پهريون

١

آءُ راڻا ڏي رَنگُ، مومِل ڪاڪ ڪَنڌن ڪي؛
لاهيِج لڱِ خداءِ جي، ڏرو پُرزو زنگُ؛
ناَمِيان پاڙج ننگُ، مهڙي هاب مَتان ڪَرين!

٢

مومَل مِهڙي هابُ، راڻا ڪر نہ راءَ تون!
جوئِن ڪي جوابُ، مرد نہ ڏين مينڌَرا.

٣

مون ڪي مِهڙي هابُ، ڪَيُئي ميان مينڌار؛
ڪَر نہ خان خرابُ، ڪامِل ڪاڪ ڪنڌيَن ڪي.

٤

هِڪَ جُوءِ بِي جوءِ، مرد نہ چِڏن مينڌرا؛
تو پُڻ پرين پوءِ، ڪوهُ لچايو ڪاڪ ڪي!

٥

هِڪَ جُوءِ بِي جوءِ، چِڏن ڪِين جوانَ؛
اُهي پِرِي انسانَ، جي ننگن تي نِثارُ ٿيا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ١

اوري ڪانگل آءُ،
ڪِيئن جِي خبر ڏي ڪاءُ!

پريان سَندي پارَ جو، لهي اَڄُ سَماءُ.
ڳالهِن تنهُجِن مؤن سَرِيَر کي، اچي منهنجي ساءُ.
مُنهنجو ٿئي هِت ڪينڪِي، پاڇهون هوتَ هَلاءُ.
سُورَن ڪارڻ سُڻ ڙي ساڻِي، جيڪُس جَٺيم ماءُ.
”سچو“ دوستَن جي دَرَ جو، اَصلون آهه غريب گداءُ.

## ڪافي ٢

اَڄ سَجَڻ پاڻ اِينديِ،
جَن لَئي نِهاريَئِي ٿي واٽان!

مَتان لاهين آسرو، حال پائِي اچي ٿِيندَئي.
عجيبن جي اچڻ جون، ماڻهو مُبارڪون ڏيندَئي.
پَڪا پَڪن سامُهان، آٿي دوست اَڏيندِي.
مَتان ماندي تون ٿِيئين،گوشي پاڻَ ڪَڍيندِي.
توکي جاڻِي پانهنجو، ”سَچو“ پاءُ سَڏيندئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ٣٠

مُـلـڪَ جا مالڪ بـيا هِن، تون وِچُون بيـئـين بـٽـي؛
هَي ڪَنهِـن هِن حالَ ۾، تـو ڪـي وڌو هَـستِيءَ هَـٽي.

سير لِلّٰهِ، سير باللّٰهِ، سـيـر مون اللّٰه گـهـر؛
سيـر في اللّٰه لاهـِ تون، خود ڪون وجي مَنزل ڪـٽِـي.

هِي جِيَڙ آهـ عاريـت، جـن جـو آهـي تـن ڪـي وٽـي؛
ڪَڍِ وچُون تـون پـاڻ ڪـي، اَنـدر بـا هر آهـي ڏٽـي.

آهين ا مانت پِيَن جي، تون آهـين ڪاتي ڪِينڪِي،
سِرُ هِيءُ سارو سـهـي ڪَر، ’هڪ بـِ ٿي‘ چو ٿـو ڇُٽين؟

انـسـان جو اولو ڪَري، سَوَ رَنـگَ ڪَريـن سَنسارَ ۾،
ساهـ ڪي هِيءَ ڳالهـڙي، وَهَ واهَ جا ”سَچُو“ وَٽِي.

## ڪافي ٣١

ڪم نـ عـاشِقَ سو ڪرين، جِنَهن ۾ تنهنجِي تعريف ٿئي،
ڪَڻُ مـلامـت ڪـا مـتي، مَرُ ڏيـه تو طَعنا ڏئـي.

بِرهَ ۾ بَدنـام ٿـيءُ، ٻـيـو ڪِين ٿـئـي ڪَـسـبَن ڪِـئـي،
عشـق جي درياه جي، چولِي ڇِـڪـي مَرُ تو نِئـي.

پوءِ تا سـاري خبر دوسـت جي هِنَ پَـنـڌَ پِـئـي،
راه گم ڪر پانـهنجي، وَئون وڪَ نـ ڪنهِن ڀَهڳُڻ ٻئي.

پيچ حِجابان پِڌر پَئـ ءلوئـيـو تـوڪـي ڪـهـڙي لِـئـي،
چا ٿِيندو پوءِ تا ”سَچُو“، هَي هَي اِنهيءَ وره وئـي.

## ڪافي ١٢٠

پرجهي پاڻ نـ چاڻان، ڪير آهيان، يارَ ڙي مـيان!

مورَتَ موڳائِي ڪئِي، صـورَتَ تا نـ سُـڃاڻان.
ڪَنهن تا ڳالهِيَئون، ڪاڪيون، تياسي هِـت نماڻا.
جان جـڻـو دل سـيوئي، آڏا تِـيَم آڏاڻـا.
ڏنم ڏاڍي ڏک سـان، عـشـق جـا اوراڻـا.
خام خيـالَ نِـي، ’سچوُ‘ ري، اِنهيءَ فِڪر آڏاڻا.

## ڪافي ١٢١

اهـو بَر پِي بازر آهِـ، جتـي ديرو دوسـتَ جو!

ڏونگرُ ڏولِي پائيان، سـپـريان جي سـاءِ!
چُمنديس چِپَن سان ميان، سندِي جانب جاءِ.
محبت محبوبن جي، ڪاري هينيڙي ڪي هـاءِ هاءِ.
ويـنـي ڪـانگَ آڏايـان، لڪين لالن لاءِ.
مون ڪي ڪيچَ وَڃَڻ ۾، نيئي پانڌيڙا پَهچاءِ.
ساتِي سُپرين سـان، هـِيءَ گـداگر گـڏاءِ.
’سچوُ‘ سَـڄَـڻ ڪي ميان، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ.

## ڪافي ١٢٢ *

ڙي جيڏيون، هاڻي گهوريو، هوتن رِيءَ سارو شهر پنيور!

لائينـدا وو لطـف سان، هِنَ ڏکيءَ ڪي ڏور.
هَيءِ هـا لاڻي آن جـي، شعلي وڏڙو شـور.
مِنت نـ منهنجيءَ موتيا، زاري نـ آهي زور.
دَرَسَن سـاڻ دفع ٿـيو، سندو هِنيـڙي هور.
”سچوُ“ سندن راهَ تي، هِڪَ جفا پيـو جـور.

---

* هيءَ ڪافي ١٢٢، سسئي داستان نائون ۾ ڪافي ٨ طور شامل ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

